# تـــڙڦ

ڪردار : (١) پيءُ (٢) ڌيءُ وديا (٣) ڪنوار (ننهن).

ڪنوار (ڪاڏي جي ميز تي وهندي) : بابا، وديا تہ اڄ ڪمال ڪري ڇڏيو.

پيءُ : ڪنوار بيهہ تہ ڳريو ئي ڪونهي، نهيو بس بس پٽاٽو وڏو اٿيئي، مونکي پٽاٽو ئي ڪوڙ ٿيندو. ها ...

ڪنوار، پٽ وديا جي ڪهڙي تي ڳالهہ ڪيئہ؟

ڪنوار : بابا! وديا جي ڪاليج ۾ اڄ ٽيچرس ڊي پئي ملهايائون، ڪيس شاگردن کي ليڪچر ڏيڻ لاءِ چيو هئائون.

پيءُ : وديا بہ ليڪچر ڏنو هوندو؟

ڪنوار : رڳو ليڪچر نہ ڏنائين، اصل تنر وانگر اچي ڦٽڪي. بابا مان ڪيس اکين سان ڏسي آئي آهيان.

پيءُ : چؤ پلا؟ چا تي ڦٽڪي؟

ڪنوار : ڪلهہ جيڪا اخبار ۾ خبر پڙهي هئائين تہ آتنڪوادين ري ڳناہ هڪ بس جي مسافرن کي هيٺ لاهي گولين سان ختم ڪري ڇڏيو. اُن تي هوءَ ڪلهہ ڪان

ڪنوار : اڇها، وديا آئي اٿو بابا!

(وديا جي اچڻ جو آواز)

پيءُ : اچ ٻچا! هيڏانهن تہ اچ ... ڀاڪي تہ پايانءِ گل! ....

وديا : بابا هي ڇاهي؟ .... مونکي تہ انساني جسمن جي جلڻ جي بانس پيئي اچي .... لڳي پيو ڪوئي مساڻو آهي ڀر ۾، جنهن ۾ ڪئين چڪياڻون جلي رهيون آهن .... هڪ ئي مهل ....

پيءُ : ڪنوار هنکي پاپڙ تکر ڪارائي ڀاڻيءُ ڏڪ تہ پيار.

ڪنوار : اڇها بابا.

پيءُ : وديا پٽ! ڪجهہ تہ برابر سڙي پيو. هڪ ٻيو ڊرم جلي پيو، جنهن جي ڌارڻا هئي رڳو آڪاس واري کي ٻاڏائڻ ....

ڪنوار: بابا! ....

پيءُ : چئہ پٽ.

ڪنوار : بابا مونکي لڳي ٿو ڪوئي ديپڪ پکي پنهنجي ئي ڳاتل راڳہ مان نڪتل باھ ۾ جلي رهيو آهي! ....

پيءُ : تہ پٽ اُنجي رکہ مان ئي تہ نئون پکي جنم وٺندو آهي نہ ...

وديا : ڇڏيو بابا .... اُن جي ڌارڻا ڪهڙي هوندي؟ ....

پيءُ : نہ پٽ، اُنجي ڌارڻا هوندي انسان جي اندر لڪل نوشڪتيءُ جو نرماڻ ڪرڻ ....

وديا : ڇا فائدو بابا! ... شڪتي ... طاقت .... ٻل ....

سپ چا لاءِ؟ .... باندر جهرڪيءَ جهڙو آڪيرو ناهي تہ
ٺلو سگهي، ٻجو هٽي آڪيرو ابهم ٻچن ڪي هيٺ ڦٽو
ڪري ڇڏي تو ... چوي تو ڏس جهرڪي آڪيرو ڦٽائڻ
تہ اچيم تو .... چوُن چوُن ڪندا، ٻچا زمين تي پيا
منڊڪائين ..... مٿي پيا نهارين جتي بچائڻ واري شڪتيءَ
ڪان زوراور، باندر وينو آهي ....

پيءُ : نہ پٽ، نئين پکيءَ جي شڪتي، انسان جي اندر لڪل شڪتي پسائيندي جا انسان جي اسمرتيءَ، ڪانٽرتا ۽ نيچتا ڪي ناس ڪندي ....

وديا : بابا! مان چاهيان ٿي شڪتيءَ جي ڏور هڪ انسان ڪان ٻئي انسان تائين محسوس ڪئي وڃي. اگر اسان شاگردن ڪي ڪجهہ پڙهائٹو اتن تہ ماستر اسان جي اندر لڪل شڪتيءَ جو ديدار ڪرائين .... شڪتي جا اسان جي خون منجهہ ڦهار بڻجي دورو ڪندي رهي ٿي.

پيءُ : هائو پٽ، ائين ئي ٿيندو.

وديا : اُف هيءَ جلندڙ ماس جي بانس! منهنجو تہ ساهہ پيو منجهي، ڪهڙو آهي هي ڏرم جي نالي ۾ کيل هوَن! بابا، بيگناهہ منشن استرين ۽ ٻارن کي ڪائيون ڪري ٿا ڏوڪين هن هوَن ۾! چا هنن جا ڪيڪرات ڪين ٿا پوَن بوڙن ڪَنن تي ...!

ڪنوار : وديا مِني! ڪاڏو وري ڪوسو ڪري آئي آهيان. ڳٽي ڪاءُ.

ودیا : پاپي! مان ڇا ڪريان، ائين پيئي سمجهان، اهڙي شاهي مسانڻ ۾ بيٺي آهيان جتي هڪ ٻئي پٺيان روز بروز بيگناه ماڻهن کي ڪنيو اچو، سوين چڪيائن جي جلندڙ ڪُنڊ ۾ اُڇلين .... مونکي ڇڏيو پاپي! مان وڃي لڪڻ ٿي چاهيان.

ڪنوار : بابا! ودیا گره ۾ ڪين ڪنيو، وڃي لڪڻ ويني آهي پنهنجي روم ۾.

پيءُ : هائو ڌيءُ! پلي اندر جي اُڌمن جو اظهار ڪري.

ڪنوار : بابا! ان مهل ته ودیا کي ڏسو ها. جڏهن بي گناه انسانن کي هوَن ڪنڊ ۾ جلائڻ بابت اِشارو ڪري اسٽيج تان لهي ويئي، هوءَ خود باه جو شعلو ٿي لڳي.

ڪو وقت ته سڀ اُستاد ۽ شاگرد، ان ڪنڊ طرف ڏسندا رهيا، جنهن طرف ودیا هٿ کڻي جلندڙ هوَن جو اشارو ڪيو هو ....

پيءُ : هائو پٽ، تنگدلي، تعصب ۽ آتنڪواد کي ناس ڪرڻ جي هيءَ تڙپ ڪنهن ته وهيءَ ۾ مون ۾ محسوس ڪئي هئي، هيءُ ته اها اُڇل آهي، جا نديءَ ۾ نئون پاڻي اچڻ سان پيدا ٿئي ٿي. پاڻي نه هجي ته پوڪ ڪيئن ٿئي؟ ڪومل دل ڌرتيءَ تي نوان سلا ڦٽا آهن ... هائو نوان سلا وڌندا ويجهندا .... اُنهن کي تاتڻ لاءِ تڙپ به وڌندي.

(۱۹۹۲)